# سنڌ ايڪٽ نمبر V، مجريه 1973

# SINDH ACT NO. V OF 1973

# مغربي پاڪستان کاڌ خوراڪ واريون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1973

# THE WEST PAKISTAN FOOD STUFFS (CONTROL) (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (PREAMBLE)

1. مختصر عنوان
2. اولهه پاڪستان ايڪٽ XX 1958 ۾ دفعه 9-A جو اضافو
3. متبادل برائي ضابطه 10 مغربي پاڪستان ايڪٽ XX، 1958
4. سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 1973 جي تنسيخ.

# سنڌ ايڪٽ نمبر V، مجريه 1973

# SINDH ACT NO. V OF 1973

# مغربي پاڪستان کاڌ خوراڪ واريون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1973

# THE WEST PAKISTAN FOOD STUFFS (CONTROL) (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

[29 جون 1973]

ترميم جو ايڪٽ جنهن ذريعي مغربي پاڪستان کاڌ خوراڪ واريون شيون (ضابطو) 1958 ايڪٽ ۾ ترميم ڪري ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ بڻائڻ. هن کي نافذ ڪيو وڃي ٿو جيڪو هيٺ ذڪر ڪيل آهي.

تمهيد (PREAMBLE)

ترميم جو ايڪٽ جنهن ذريعي مغربي پاڪستان کاڌ خوراڪ واريون شيون (ضابطو1958 ايڪٽ ۾ ترميم ڪري ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ بڻائڻ. هن کي نافذ ڪيو وڃي ٿو جيڪو هيٺ ذڪر ڪيل آهي. جنهن کي هن طرح جوڙجي ٿو.

مختصر عنوان

1. (1) مغربي پاڪستان کاڌ خوراڪ واريون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1973 چيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي نافذ العمل هوندو.

اولهه پاڪستان ايڪٽ XX 1958 ۾ دفعه 9_A جو اضافو

2. آئنده حوالي جي لاءِ هن ايڪٽ کي مغربي پاڪستان کائڻ پيئڻ جي شين ڪنٽرول جو قانون برائي صوبہ سنڌ لکيو پڑهيو ويندو. جنهن جو ضابطو 9 ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نون دفعات جو اضافو ڪيو ويو آهي.

"9_A دفعات 6 ۽ 9 ۾ ڪو اضافو نہ هوندو سواءِ ان جي تہ راشن

دستاويز سان لاڳاپيل جرم جي سزا هڪ مهيني کان گهٽ نہ هوندي.

3. مذڪوره ايڪٽ جي دفعہ 10 ۾ هن ريت تبديلي آندي ويندي. | متبادل برائي ضابطہ 10 مغربي پاڪستان ايڪٽ XX، 1958

”10۔(1) هن ايڪٽ جي تحت سرزد ٿيندڙ ڪنهن بہ جرم ۾عدالت مداخلت نہ ڪري سگهندي ماسوائي ان جي تہ سرڪاري ملازم جي تمام حقائق سان گڏ تحريري رپورٽ جي، جنهن جي وضاحت دفعہ 21 تعزيراتي پاڪستان (قانون XLV 1960) (طريقيڪار ۾ مداخلت) (برائي ڪارروائي.

(2) حڪومت چاهي تہ لکت واري اطلاع ذريعي هدايت ڏيڻ جي مجاز آهي ۽ ڪنهن ڏوهہ جي سزا جي پڌٽي ضابطي فوجداري (ACT_V OF 1898) جي دفعہ 22 هيٺ ڪري سگهي ٿي.

4. مغربي پاڪستان کاڌ خوراڪ واريون شيون (ضابطو) (سنڌ ترميم) آرڊيننس مجريہ 1973 منسوخ ٿي چڪو. | سنڌ آرڊيننس نمبرIX مجريہ 1973 جي تنسيخ.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**